SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

SINDH ACT NO.I OF 1972

The Sindh Finance Act, 1972

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1972

سنڌ فنانس ايڪٽ، 1972

فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان، حد ۽ آغاز
2. ميونسپل ڪارپوريشن ميونسپل ڪميٽين ۽ ٽائون ڪميٽين طرفان جاين ۽ زمينن تي ٽيڪس نه لڳندو
3. سنڌ ايڪٽ ۾ ترميم (V) سال 1878
4. اولهه پاڪستان ترميم ايڪٽ (V) سال 1958- ۾ ترميم
5. موٽر گاڏين جي محصول تي اضافو
6. بجليءَ جي محصول ۾ اضافو
7. موٽر گاڏين سان لاڳاپيل اضافي محصول
8. موجوده قانونن جو لاڳو ٿيڻ
9. ديواني عدالتن۾ مقدمن تي پابندي
10. قاعدن بڻائڻ جو اختيار

SINDH ACT NO.I OF 1972

The Sindh Finance Act, 1972

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1972

سنڌ فنانس ايڪٽ، 1972

[30 جون 1973]

تمهيد (Preamble)

سنڌ صوبي ۾ ٽيڪسز (Taxes)ڊيوٽيز (duties)، فيز (fees) ختم ڪرڻ جو قانون.

جيئن ته اها فائديمندآهي ته صوبي سنڌ ۾ ڊيوٽي ۽ ٽيڪسز(Taxes)، فيز (fees) کي منسوخ ڪيو وڃي ان کي هيٺين طريقي سان جوڙي نافذ ڪيو وڃي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.

1. (i) هي ايڪٽ سنڌ مالياتي ايڪٽ 1972 سڏيو ويندو.

(ii) هي پوري سنڌ ۾ لاڳو ٿيندو.

(iii) هي 1 جولاءِ کان عمل ۾ ايندو.

ميونسپل ڪارپوريشن ميونسپل ڪميٽين ۽ ٽائون ڪميٽين طرفان جاين ۽ زمينن تي ٽيڪس نه لڳندو

2. ان جي باوجود ته سنڌ عوامي مقامي سرڪار آرڊيننس 1972 ۾ بيان ڪيل آهي ته ڪنهن به جڳهه يا زمين تي محصول لاڳو نه ٿيندو، جيڪي عوامي مقامي ڪائونسل (Council) جي حدن ۾ ايندڙ هجن يا مقامي ڪائونسل ۾ ايندڙ هجن جيڪي پنهنجا فرض دفعه (ب) (2) هيٺ 4 مورخ 1 جولاءِ 1972 کان سرانجام ڏئي رهيون هجن.

اهڙي وصولي اها مقامي ڪائونسل ڪندي، ان کان علاوه محصول جو ڪاٿو اهڙي مقامي ڪائونسل 1 جولاءِ 1972 کان پهريائين ڪنهن به طرح جي قانون جيڪو عمل ڪرڻ جي قابل هوندو، هيٺ اهڙو محصول لاڳاپيل مقامي ڪائونسل کي ادا ڪبو يا لاڳاپيل قانون هيٺ وصول ڪيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ ۾ ترميم (V) سال 1878

3. سنڌ آبڪاري ايڪٽ 1878 (سنڌ ايڪٽ V سال 1878) جي شق (15) دفعه 3 جي ذيلي شق (الف) هيٺ، هن ريت تبديلي ٿيندي:

"ڪو به نشي دار شراب، يا"

اولهه پاڪستان ترميم ايڪٽ (V) سال 1958- ۾ ترميم

4. سنڌ شهري غير من منقوله جائيداد ٽيڪس 1958ع ۾ تبديلي:

(الف) دفعه 3 جي ذيلي دفعه (2) ۽ (3) ۾ هي ذيلي دفعه رکيا ويندا.

"(2) ذيلي دفعه (3) ۽ (4) ۾ جيڪڏهن گنجائش آهي ته پوءِ هن طريقي سان واسطيدار عمارتن ۽ زمينن جي سالياني ملهه تي ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي:-

(i) اهڙي صورت ۾ جو سالانه ملهه ۾ سئو پنجاهه رپين کان مٿي هجي، پر ٻارنهن هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي:

(ii) اهڙي صورت ۾ جو سالانه ملهه ٻارنهن هزار کان وڌيڪ هجي پر ويهه هزار کان وڌيڪ نه هجي:

(iii) اهڙي صورت ۾ جو سالانه ملهه ويهه هزار کان مٿي هجي:
(3) جتي اهڙي رهائش جاءِ جيڪا مالڪ جي پنهنجي استعمال هيٺ هجي ۽ مالڪ کي انهيءَ علائقي ۾ ٻي جاءِ نه هجي ۽ جنهن جو سالياڻو ملهه ٻارنهن هزار کان وڌيڪ نه هجي ته ٽيڪس انهيءَ جاءِ تي چئن حصن جي ٽئين حصي ويهه سيڪڙو موجب وصول ڪئي ويندي.
(4) سرڪار نوٽيفڪيشن ڪيڊي ڪري ۽ ان ۾ سبب ڄاڻائي پوري يا ڪجهه حصو ٽيڪس ڪنهن به درجه بند ئي کانسواءِ علائقي ۾ معاف ڪري سگهي ٿي.
سمجهاڻي/وضاحت: مجموعي سالياڻي قيمت هن دفعه هيٺ سالياڻي قيمت جي مجموعي اعتبار مطابق ٿيندي مطلب ته انهن عمارتن ۽ زمينن تي جيڪي ساڳئي ماڻهوءَ جون هجن.
(5) محصول عمارتن ۽ زمينن جي مالڪ تي لاڳو هوندو.
(ب) دفعه 3 کان بعد هيٺون هڪون دفعه وڌايو ويندو.
"(3 الف) هن قانون هيٺ محصول جي وصولي مقامي ڪائونسل جي حد ۾ پنهنجي جنهن جو ذڪر شق 3 ۾ ڪيل آهي، حڪومت پنج سيڪڙو وصولي خرچ ڪٽڻ بعد چاليهه سيڪڙو انهيءَ لوڪل ڪائونسل کي ادا ڪندي.
(1) دفعه 4 جي شق (c) ۾ هنيئن بدلايو ويندو:
"(c) (i)زمينون ۽ عمارتون جن جو سالياڻو ملهه ٻه سئو پنجاهه رپين کان وڌيڪ نه هجي، يا
(ii) جتي مالڪ يا ان جي خاندان جو ٻيو ڪو ماڻهو مذڪوره علائقي ۾ ٻي ڪا عمارت نه رکندڙ هجي انهيءَ مالڪ جي هڪ عمارت جيڪا رهائش هيٺ هجي ۽ جنهن جي سالياڻي قيمت:

موٽر گاڏين جي محصول تي اضافو

(1) ڪنهن شهري علائقي جنهن جي آدمشماري هڪ لک کان وڌيڪ هجي ۽ ملهه پنج سئو رپين کان وڌيڪ نه هجي.
(2) شهري علائقي ۾ ملهه چار سئو رپين کان وڌيڪ نه هجي.

بجليءَ جي محصول ۾ اضافو

5. (1) اولهه پاڪستان موٽر گاڏين جي محصول جي قانون 1958 اولهه پاڪستان قانون XXXII سال 1958 ۾ ڪي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ان جو شيڊول هن ايڪٽ جي پهرين شيڊول سان تبديل ٿيندو.
6. اولهه پاڪستان جي مالياتي قانون (اولهه پاڪستان قانون XXXIV سال 1965 ڪي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ان جو دفعه 11 ۽ چوٿون شيڊول منسوخ ٿي ويندا.
(1) اولهه پاڪستان مالياتي قانون 1964 (اولهه پاڪستان قانون XXXIVسال 1965ع ڪي صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ان جي پنجين شيڊول لاءِ ۽ ڇهين شيڊول لاءِ هن ايڪٽ جو متبادل ٿيندا.

موٽر گاڏين سان لاڳاپيل

اضافي محصول

(2) اولهه پاڪستان مالياتي قانون 1969ع اولهه پاڪستان قانون VII سال 1969ع کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ان جو دفعه 6 ٽيون ۽ چوٿون شيڊول شق 4 جا منسوخ ٿيندا.

7. جيئن ته اولهه پاڪستان موٽر گاڏين جي حڪم نامي ۽ ان حوالي سان جوڙيل قاعدن جي برعڪس نه هجي ته جيڪي هن هيٺ هجن جيڪا فيس هن قانون جي چوٿين جدول جي ڪالم 2 ۾ بيان ڪئي وئي آهي، اها پهرين جولاءِ 1972 کان انهيءَ قيمت تي ادا ڪئي ويندي، جيڪا ڪالم 3 ۾ درج آهي.

8. جتي ڪائي لگان/محصول يا ڊيوٽي لاڳو ڪئي وئي هجي يا ڪائي اجرت هن قانون هيٺ ڪنهن اضافي جي صورت ۾ جيڪا موجوده محصول يا ڊيوٽي لاڳو ڪئي وئي هجي يا اجرت جي وصولي يا ڪنهن به قانون يا ضابطن هيٺ جيڪي سنڌ ۾ لاڳو هجن، جيڪي ضابطا هن قانون ۽ ضابطن هيٺ طئي ڪيل، جمع ڪرڻ ۽ واپس ونڻ محصول ڊيوٽي يا اجرت جيستائين عمل جي قابل هجي ان کي ٽيڪس جمع ڪرڻ، واپس ونڻ، اضافي محصول ڊيوٽي هڻڻ يا اجرت جيئن به هوندي، ان کي ڪاٽي لاءِ ڪتب آڻي.

9. هن ايڪٽ يا ان جي قاعدن جي روشني ۾ ٽيڪس جي ڪاٽي ٽيڪس ڊيوٽي في مڙهڻ ۽ ونڻ کي گهٽائڻ يا بدلائڻ لاءِ ديواني ڪورٽ جا در کڙڪائي نه ٿا سگهجن .

10. (1)سرڪار هن قانون کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ قانون سازي ڪندي جيڪي طريقيڪار ٽيڪس جي اندازو ڪرڻ، وصول ڪرڻ بابت هوندا ۽ جن جو اڳ اهڙو طريقيڪار واضح ٿيل نه آهي.

(2) سنڌ مالياتي آرڊيننس 1971 هيٺ جاري ڪيل ڪي به قاعده جاري ۽ قابل عمل رهندا ۽ هن قانون هيٺ لاڳو ڪيل سمجهيا ويندا.

پهريون جدول

ڏسو دفعه 5

جدول

ڏسو دفعه 3

نمبر	موٽرگاڏين جا تفصيل	سالياني ٽيڪس جو رخ
1.	سائيڪل (موٽر اسڪوٽر ۽ سائيڪلون جيڪي مشيني پکن سان هلنديون هجن، جنهن جو وزن اڻ سٽيل cwts8 کان وڌيڪ نه هجي.	
(a)	سائيڪلون جنهن جو اڻ- سٽيل صورت ۾ وزن lbs200 کان وڌ نه هجي.	20 رپيا

(b)	سائيڪلون جنهن جو وزن اڻ-سٽيل lbs200 کان وڌيڪ هجي.	40 رپيا
(c)	سائيڪلون جيڪڏهن پٽيان يا پرسان واري کي چڪڻ لاءِ استعمال ٿين.	10 رپيا
(d)	3 ڦيٽن واري سائيڪل	40 رپيا
.2	گاڏيون جيڪي (5 cwts) کان وڌيڪ نه هجن.	05 رپيا
.3	گاڏيون جيڪي سامان يا شين کي ڍوئڻ لاءِ استعمال ٿين (ٽن ڦيٽن واري سائيڪل جنهن جو اڻ-سٽيل وزن 8 cwts کان وڌيڪ هجي.	
(a)	بجلي جي پکي واري اڻ-سٽيل گاڏي جيڪا 25 cwts کان وڌيڪ نه هجي.	35 رپيا
(b)	انهن گاڏين کان علاوه جيڪي مٿي بيان ڪيون ويون آهن، بجلي جي پکي واري/ گاڏيون جيڪي 12 cwts کان وڌيڪ نه هجن (اڻ سٽيل)	25 رپيا
(c)	تمام گاڏيون جيڪي وڏ ۾ وڏ 5000 lbs جي سٽڻ گنجائش واريون هجن (فراهمي واريون گاڏيون شامل)	165 رپيا
(d)	اهي تمام گاڏيون جيڪي 5000 lbs کان مٿي سٽڻ جي گنجائش واريون هجن پر 8960 lbs کان وڌيڪ نه هجن	330 رپيا
(e)	اهي تمام گاڏيون جيڪي 8960 lbs جي گنجائش کان مٿي سٽڻ واريون هجن پر 13440 lbs کان وڌيڪ نه هجن	550 رپيا
(f)	اهي تمام گاڏيون جيڪي 13440 lbs جي گنجائش کان مٿي سٽڻ واريون هجن پر 17920 lbs کان وڌيڪ نه هجن	1105 رپيا
(g)	اهي تمام گاڏيون جن جي سٽڻ جي گنجائش 17920 lbs تائين هجي	1655 رپيا
(h)	ٽريلر جي لاءِ اضافي وصولي	138 رپيا
.4	ڪرائي تي هلندڙ گاڏين ۾ مسافرن جي عام استعمال هيٺ رهندڙ سواري (ٽيڪسيون ۽ بسيون) ڪارپوريشن، ميونسپالٽي يا ڪنٽونمينٽ ۾ هلائڻ لاءِ:	
(a)	ٽرام ڪارون	15 رپيا
(b)	ٽفيٽا خودڪار طريقي سان ٺاهيل (رڪشه)	250 رپيا

	جيڪي ٽن ماڻهن کان وڌيڪ نه ڪٽن	
(c)	هيون گاڏيون جن جي ويهڪ چار ماڻهن کان وڌيڪ نه هجي	330 رپيا
(d)	هيون گاڏيون جن جي ويهڪ ڇئن ماڻهن کان وڌيڪ هجي پر وڏ ۾ وڏ ڇهن ماڻهن کان وڌيڪ نه هجي	415 رپيا
(e)	هيون گاڏيون جن جي ويهڪ ڇهن ماڻهن کان وڌيڪ هجي	50 رپيا هڪ ويهڪ
5.	اهي گاڏيون جيڪي عام طور تي مسافرن جي سفر لاءِ هلايون ويندیون هجن (ٽيڪسيون ۽ بسيون) جيڪي خاص طور ڪارپوريشن، ميونسپالٽي يا ڪنٽونمينٽ جي حدن اندر نه هلنديون هجن	
(a)	ٽرام ڪارون	15 رپيا
(b)	ٽفيٽا خودڪار طريقي سان ٽاهيل (رڪشه) جيڪي ٽن ماڻهن کان وڌيڪ نه ڪٽن.	250 رپيا
(c)	هيون گاڏيون جن جي ويهڪ چار ماڻهن کان وڌيڪ نه هجي	330 رپيا
(d)	هيون گاڏيون جن جي ويهڪ ڇئن ماڻهن کان وڌيڪ هجي پر وڏ ۾ وڏ ڇهن ماڻهن کان وڌيڪ نه هجي	415 رپيا
(e)	هيون گاڏيون جن جي ويهڪ ڇهن ماڻهن کان وڌيڪ هجي	50 رپيا هڪ ويهڪ
	نوٽ: آرٽڪيل چار ۽ پنج ۾ ڏيڪاريل ماڻهن جي انگ ۾ ڊرائيور شامل نه آهي، ۽ نه ئي صفائي ڪندڙ، ڪنڊيڪٽر يا گاڏيءَ ۾ مقرر ڪيل خدمتگار	
6.	اهڙيون موٽر گاڏيون جيڪي هن قانون هيٺ لاڳو ٽيل ٽيڪس کان علاوه هجن	
(a)	جن جي ويهڪ هڪ ماڻهوءَ کان وڌيڪ نه هجي.	77 رپيا
(b)	جنهن جي ويهڪ ٽن ماڻهن کان وڌيڪ نه هجي.	154 رپيا
(c)	جنهن جي ويهڪ ڇئن ماڻهن کان وڌيڪ نه هجي.	220 رپيا
(d)	جنهن جي ويهڪ ڇئن ماڻهن کان وڌيڪ	50 رپيا في

	هجي تن لاءِ دفعه (c) ۾ ڏيکاريل	سيٽ
	نوٽ: اسٽيشن ويگن جيڪي خانگي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندیون هجن، انهن تي محصول آرٽيڪل 6 هيٺ لاڳو ٿيندو.	

هي جدول
(ڏسو دفعه 6)
(ڏسو دفعه 13)

.1	اها توانائي جيڪا استعمال ٿي هجي اها هن جدول جي آرٽيڪل نمبر 2 جي دائري ۾ نه ايندي هجي.	
(a)	رهائشي، دفتر ۽ بازاري/ڪاروباري مقصدن جي لاءِ	(هڪ پئسو هر يونٽ لاءِ جيڪا توانائي استعمال ٿئي)
(b)	صنعتي استعمال جي لاءِ	(هڪ پئسو هر يونٽ لاءِ جيڪا توانائي استعمال ٿئي)
(c)	ٽيوب ويل ۽ نهري يا زرعي مشينري وضاحت: اهي جڳهون جيڪي سڃي يا ان جو ڪوئي حصو جيڪو مال ٺاهڻ جي ڪم ۾ استعمال ٿئي. جيڪي شق 2 (فيڪٽريز ايڪٽ 1931) جي دفعه 2 جي هيٺ اچي اها صنعتي استعمال جي لاءِ تصور ڪئي ويندي.	(هڪ پئسو هر يونٽ لاءِ جيڪا توانائي استعمال ٿئي)
.2	انهن سيني جڳهن جتي لائسنس هيٺ توانائي بغير ڪنهن اندازي جي فراهم ڪيل هجي.	هر رپئي تي چار پئسا سڌي سنئين طور لائسنس ۾ ڄاڻايل هجي ۽ وڌيڪ ته ان حالت ۾ ڪا به وصولي نه ٿيندي، جنهن حالت ۾ استعمال پنج رپيا ماهوار

		وڌيڪ نه هجي.

ٽين جدول

ڏسو دفعه نمبر 6

ڇهين جدول

ڏسو دفعه نمبر 13

ڇوٽ/استثنيٰ (Exemption)

(i) وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون جيڪي رهائشي مقصدن جي استعمال ڪنديون هجن:

(ii) مقامي اختياريون فقط عوام لاءِ روشنين جو بندوبست ڪن.

(iii) مسجدون، گرجا گهر ۽ ٻيو عوامي عبادت جون جڳهون

(iv) گهريلو صارف جيڪي هڪ مهيني ۾ 20 يونٽ کان وڌيڪ استعمال نه ڪندا هجن.

(v) استعمال ٿيل تونائي (بشمول توانائيءَ جو ذيان) جيڪو پيداوار، ترسيل ۽ تبديليءَ جي صورت ۾ هجي.

(vi) توانائيءَ جي پيداوار جيڪا پلانٽن مان ٿئي، جيڪا ادائي ڪلو واٽس کان وڌيڪ نه هجي.

(vii) سمنڊ يا اندرون ملڪ ۾ هلڻ واريون ٻيڙيون.

چوٽين جدول

ڏسو دفعه 7

نمبر شمار	فيس جي تفصيل ۽ لاڳاپيل قانون اولهه پاڪستان موٽر گاڏين بابت قانون 1969	شرح فيس
.1	رول نمبر 8 جي ذيلي رول(3) هيٺ گاڏي هلائڻ جي ٽيسٽ/امتحان تي في	10 رپيا
.2	رول نمبر 13 جي ذيلي رول 6، رول 14 جي ذيلي رول 4 ۽ رول 15 جي ذيلي رول 4 جي هيٺ لائسنس جي نقل جي في	10 رپيا
.3	رول 19 جي ذيلي/هيٺين شق 2 جي هيٺ ڊرائيونگ سکڻ جي لائسنس جي فيس	10 رپيا
.4	شق 26 جي ذيلي شق 1 جي هيٺ ڊرائيونگ لائسنس جي جاري ڪرڻ جي في	20 رپيا
.5	رول 26 جي ذيلي شق 2 هيٺ ڊرائيونگ لائسنس جي مُدي وڌائڻ جي لاءِ فيس	
	(a) مُدي وڌائڻ جي درخواست، لائسنس جي مدي	

	خارج جي تاريخ جي ٿيهن (30) ڏينهن اندر ڏني وئي هجي.	
	(b) مُدي وڌائڻ جي درخواست، لائنسنس جي مُدي خارج جي تاريخ جي ٿيهن (30) ڏينهن کانپوءِ ڏني وئي هجي	
.6	ٽرانسپورٽ وهيڪل جي رول 37 کان علاوه، گاڏين جي نقل سرٽيفڪيٽ گم ٿيڻ يا ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ ڏيڻ جي چڪاس/درستگي سرٽيفڪيٽ جي فيس	20 رپيا
.7	رول 38 هيٺ ٽرانسپورٽ وهيڪل (گاڏين) جي چڪاس/درستگي سرٽيفڪيٽ، نقل سرٽيفڪيٽ گم ٿيڻ يا ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ ٽئين سرٽيفڪيٽ جي فيس	15 رپيا
.8	رول 39 هيٺ ٽرانسپورٽ وهيڪل/گاڏين جي چڪاس/درستگي سرٽيفڪيٽ جو نقل ۽ ڦاٽل يا گم ٿيل سرٽيفڪيٽ جو نقل جي فيس	15 رپيا
.9	شق 42 هيٺ داخلا فيس/فيس	
(a)	موٽر سائيڪل يا حد کان وڌيڪ سٽيل گاڏي يا ٽريلر جنهن جا ٻن کان وڌيڪ ڦيٿا نه هجن، هڪ ٽن کان وڌيڪ ڊويل/سٽيل نه هجي.	5 رپيا
(b)	ڳوري ٽرانسپورٽ جي گاڏي جي باري ۾	60 رپيا
(c)	ڪنهن ٻي گاڏيءَ جي باري ۾	30 رپيا
	۽	
(d)	ڪنهن گاڏيءَ جي عارضي داخلا جي باري ۾	10 رپيا
.10	47 هيٺ موٽر گاڏي جي مالڪاڻه منتقلي جي فيس/فيس	ساڳيو جيئن داخلا لاءِ سيريل نمبر

		9 ۾

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.